SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2012
# SINDH ACT NO.XIII OF 2012
# شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 2012
# THE SHAHEED ZULFIKAR ALI BHUTTO INSTITUTE OF SCIENCE AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ACT, 2012

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.XI of 1995

3. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act No.XI of 1995

4. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No.XI of 1995

5. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Act No.XI of 1995

6. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 11 جي ترميم
Amendment of section 11 of Sindh Act No.XI of 1995

7. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Sindh Act No.XI of 1995

8. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Act No.XI of 1995

9. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Act No.XI of 1995

10. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Act No.XI of 1995

11. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Act No.XI of 1995

12. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Act No.XI of 1995

13. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 21 جي ترميم
Amendment of section 21 of Sindh Act No.XI of 1995

14. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Act No.XI of 1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريہ 2012
# SINDH ACT NO.XIII OF 2012
## شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 2012
## THE SHAHEED ZULFIKAR ALI BHUTTO INSTITUTE OF SCIENCE AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ACT, 2012

[6 فيبروري 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of

2. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 ۾:

(i) شق (a) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(a-i) ٻين شعبن ۾ تعليم، تربيت ۽ تحقيق مهيا ڪرڻ پر جيڪي قانون، سوشل سائنسز، ميڊيڪل سائنسز، ووڪيشنل اسڪلس، آرٽس ۽ هيومنٽيز تائين محدود نہ هجن، اهڙي ريت جيئن اهو درست سمجهي تہ جيئن مجاز هنرمند ۽ فرض سان سچا پيشوارِ ۽ ٻيا ماڻهو پيدا ڪري سگهجن؛”؛

section 4 of Sindh Act No.XI of 1995

(ii) شق (f) ڪانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(ff) اهڙين سرگرمين يا ڪمن پوءِ اهي ڪٺي صنعتي، ڪاروباري يا ڪنهن ٻئي قسم جا هجن انهن کي جاري رکڻ، ڪم ڪرڻ يا حصو وٺڻ تہ جيئن عملي تحقيق جو موقعو مهيا ڪري سگهجي يا تحقيق کي لاڳو ڪري سگهجي يا ٻي صورت ۾ اداري ۾ موجود معلومات يا مهارت کي وڌائي يا جاچ پڙتال ڪري سگهجي يا اداري جي خرچ پکن کي پورو ڪري سگهجي؛”؛

(iii) شق (aa) ۾ لفظن “يا چانسيلر طرفان” لاءِ ڪاما ۽ لفظ “پاڪستان انجنيئر ڪائونسل، پاڪستان بار ڪائونسل يا چانسيلر طرفان يا اهڙي ٻي اختياري جنهن کي گهربل دائره اختيار هجي” شامل ڪيا ويندا.

1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act No.XI of 1995

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“(1) بورڊ جو چيئرمين يا هن طرفان مقرر ڪيل ڪو شخص اداري جو چانسيلر هوندو:

بشرطيڪ چيئرمين طرفان چانسيلر طور مقرر ڪيل ڪو شخص اهڙي عرصي لاءِ عهدو رکندو، جيئن سندس طرفان طئي ڪيو ويو هجي.”.

| | |
|---|---|
| 4.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 9 ۾: <br>(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظ "گورننگ باڊي" لاءِ لفظ "بورڊ ۽ گورننگ باڊي" متبادل ٿيندا؛ <br>(ii) ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "يا گورننگ باڊي" لاءِ ڪاما ۽ لفظ "بورڊ ۽ گورننگ باڊي" متبادل ٿيندا؛ ۽ <br>(iii) ذيلي دفعہ (4) ۾: <br>(a) شق (c) ۾، لفظن "گورننگ باڊي" لاءِ لفظ "بورڊ" متبادل ٿيندو؛ <br>(b) شق (g) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي: <br>"(gg) چانسيلر سان گڏ هر ڪنهن شاگرد جي ڊگري تي صحيح ڪرڻ."؛ <br>(c) شق (h) ۾، لفظن "گورننگ باڊي" لاءِ لفظ "بورڊ ۽ گورننگ باڊي" متبادل ٿيندا. | 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 9 جي ترميم <br>Amendment of section 9 of Sindh Act No.XI of 1995 |
| 5.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "گورننگ باڊي" لاءِ لفظ "بورڊ" متبادل ٿيندو. | 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 10 جي ترميم <br>Amendment of section 10 of Sindh Act No.XI of 1995 |
| 6.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "گورننگ باڊي" لاءِ لفظ "بورڊ" متبادل ٿيندو؛ | 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 11 جي ترميم <br>Amendment of section 11 of Sindh |

Act No.XI of 1995

1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Sindh Act No.XI of 1995

7.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 12 ۾:
(a) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن “گورننگ باڊي” لاءِ لفظ “بورڊ” متبادل ٿيندو.
(b)ذيلي دفعہ (3) ۾:
(i)شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:
“(b) گورننگ باڊي ۽ ان سلسلي ۾ هن مقصد لاءِ جوڙيل ٻين باڊيز جي مشوري تي غور ڪرڻ بعد اداري ۾ پڙهايا ويندڙ ڪورسز آف اسٽڊي تي بورڊ کي سفارشون پيش ڪرڻ؛”؛
(ii) شق (i) ۾، لفظن “گورننگ باڊي” لاءِ لفظ “بورڊ ۽ گورننگ باڊي” متبادل ٿيندا؛
(iii) شق (j) ڪانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:
“(k) فيڪلٽي عهدن لاءِ انٽرويو منعقد ڪرڻ لاءِ پينل جو حصو ٿيڻ، انهن جي سالياني ڪارڪردگيءَ جو ڪاٿو لڳائڻ ۽ انهن جي ترقين جي سفارش ڪرڻ، جيڪڏهن ڪا هجي.”.

1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Act No.XI of 1995

8.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 ۾:
(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن “گورننگ باڊي” لاءِ لفظ “بورڊ” متبادل ٿيندو.
(i) ذيلي دفعہ (2) ۾ (1) شق (g) ۾ سيمي ڪولن ڪانپوءِ، لفظ”۽“ ڪڍيو ويندو.
(ii) شق (h) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ “۽” سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ

هيٺين شق جو اضافو ڪيو ويندو:

“ (i) فيڪلٽي عهدن لاءِ انٽرويو منعقد ڪرڻ لاءِ پينل جو حصو ٿيڻ، انهن جي ساليانی ڪارڪردگيءَ جو ڪاٿو لڳائڻ ۽ انهن جي ترقين جي سفارش ڪرڻ، جيڪڏهن ڪا هجي.”.

| 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 14 جي ترميم<br>Amendment of section 14 of Sindh Act No.XI of 1995 | 9.چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3) ۾:<br>(i) شق (c) ۾، سيمي ڪولن ڪانپوءِ لفظ “۽” کي ختم ڪيو ويندو؛<br>(ii) شق (e) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:<br>“(f) اداري جي ملڪيت، فنڊس ۽ وسيلن کي رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اداري جي مقصد لاءِ اهڙين سڪيورٽيز تي رقم اڏاري وٺڻ يا گڏ ڪرڻ، جيئن گهربل هجي؛ ۽<br>(g) حاصل ڪرڻ، گروي رکڻ، نيڪال ڪرڻ، يا ٻي صورت ۾ اداري جي ڪنهن غير منقولہ يا منقولہ ملڪيت بابت معاملا طئي ڪرڻ؛ |
|---|---|
| 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of section 15 of Sindh Act No.XI of 1995 | 10.چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ هيٺين ريت متبادل ٿيندو؛<br>“(1) اداري جي معاملن جي نظرداري ۽ ضابطو بورڊ حوالي هوندو. بورڊ گورننگ باڊي جوڙڻ، ٻيهر جوڙڻ يا وڏائڻ لاءِ مجاز هوندو، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:<br>نامزد ڪيل ميمبر:<br>(a) چانسيلر؛ |

(b) صدر؛

(c) ہہ ناميارا انجنيئر؛

(d) ہہ مشهور سائنسدان؛

(e) بئنڪنگ، ماليات، صنعت يا ڪنهن ٻئي لاڳاپيل شعبي ۾ انهن جي سڪيا يا تجربي طور ڄاتل ٽي منفرد ماڻهو؛

(f) ٽي ناميارا ماڻهو چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(g) بورڊ جا چار ميمبر ايڪس آفيشو ميمبرن طور چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(h) نائب صدر؛

(i) چيئرپرسن هائير ايجوڪيشن ڪميشن يا سندس طرفان نامزد ڪيل ڪو عملدار؛

(j) سنڌ صوبي جي ڪنهن يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(k) تعليم کاتي سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي رينڪ کان گهٽ نہ هوندو."،

1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of Sindh Act No.XI of 1995

11. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 16 ۾:

(i) شقن (a)، (b)، (e) ۽ (I) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) شق (h) ۾، لفظن "يقيني بڻائڻ ڪرڻ" لاءِ لفظ "يقيني بڻائڻ ۾ بورڊ جي مدد ڪرڻ" متبادل ٿيندا؛

| | |
|---|---|
| 12.جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 17 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "صدر" لاءِ لفظ "چانسيلر" متبادل ٿيندو،<br>(ii) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(2) چانسيلر گورننگ باڊي جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ سندس غير موجودگي ۾ صدر صدارت ڪندو."؛<br>(iii) ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظ "صدر" لاءِ لفظ "چانسيلر" متبادل ٿيندو، | 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 17 جي ترميم<br>Amendment of section 17 of Sindh Act No.XI of 1995 |
| 13.جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن "گورننگ باڊي" لاءِ لفظ "بورڊ" متبادل ٿيندو. | 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 21 جي ترميم<br>Amendment of section 21 of Sindh Act No.XI of 1995 |
| 14.جاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 23 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"23. **ايڪٽ ٻين قانونن تي اثرانداز ٿيندو.** (1) هي ايڪٽ تيستائين موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي ڪجهہ متضاد نہ هجي.<br>(2)جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، بورڊ طرفان منظور ڪيل سمورا حڪم، ڪنيل قدم ۽ ڪيل ڏيتي ليتي هن ايڪٽ تحت موثر نموني جاري ڪيل، ڪنيل يا ڪيل سمجهيا ويندا. | 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 23 جي ترميم<br>Amendment of section 23 of Sindh Act No.XI of 1995 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**